# ڊاڪٽر رام ٻخشاڻي

سماج شيوڪ ۽ فلينٿراپسٽ
Group President, ITL Goup-Cosmos



Dr. Ram Buxani
Ph.D.
Businessman & Philanthropist

سنڌي جاتيءَ جي تاريخ ۾ صدين کان ڪيترين ئي اَهڙين جان نثار شخصيتن جو ذڪر اَچي ٿو، جن پنهنجي ٻولي ۽ سنڌيت سان بي پناه محبت ڪئي آهي. انهن آرٽڪ بلنديون ماڻيندي ۽ زندگيءَ جا سڀ سک ميسر هوندي بہ پنهنجي جاتي، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي اون رکندي پنهنجو پاڻ کي جڻ سنڌيت سان واڳي ڇڏيو آهي.

’سنڌي سرويچ‘ ذريعي اَسين اُنهن قداور شخصيتن جي جيون ۾ جهاتي پائڻ ۽ کين وڌيڪ ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ جيئن سندن خدمات کي عوام تائين پهچايو وڃي. ايندڙ پيڙهي بہ اُن مان لاڀ پرائي ۽ سنڌي سماج جي اِتهاس ۾ ڪاميابين جا نوان ورق پڻ ورن.

تہ اَچ اَسين اَهڙي ئي هڪڙِي برک شخصيت، **ڊاڪٽر رام بخشاڻيءَ** جي جيون ۾جهاتي پايون ٿا؛ جيڪو ڪافي عرصي کان دبئيءَ ۾ رهندي بہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت سان انتهائي پيار ڪندڙ آهي....

**جوَهراڻي: اَسين سڀ ڪان پهرين اِهو ڄاڻڻ چاهينداسين تہ توهين سنڌ جي ڪهڙي ڳوٺ سان تعلق رکو ٿا؟**

بخشاڻي: رام! پهرين تہ مان شڪرگذاري مڃيندس؛ جو اَوهان تمام چيدن لفظن ۾ هن گڏجاڻيءَ بابت سمجهاڻي ڏني آهي ۽ مونکي بہ اُن لائق سمجهيو آهي تہ مان پنهنجي جيون جو اَنڀو سنڌي سماج سان اوري سگهان.

**جوَهراڻي: بخشاڻي! توهين اَسان جي نوجوانن لاءِ هڪ پريرڻا آهيو!**

بخشاڻي: جوَهراڻي! مون ڪي اوهان جي جذبات جو پورو اَحساس آهي. مان توهان ڪي هيءَ گڏجاڻي مرتب ڪرڻ لاءِ واڌايون ٿو ڏيان! مان حيدرآباد (سنڌ) ۾ ڄائو هوس.

**جوَهراڻي: توهان جا بزرگ اُتي ڪهڙو ڪاروبار ڪندڙ هئا؟**

بخشاڻي: منهنجي ڏاڏي جو ساموندي ٻيڙين جو بزنس هئو. پر سنڌورڪي سلسلو منهنجي پتا ڪان پوءِ شروع ٿيو؛ جيڪو عام طور حيدرآباد ۾ ڪيترين ئي صدين ڪان هلندو آيو آهي.

**جوَهراڻي: اُن دور ۾ آزاديءَ لاءِ هڪ وڏو تحرڪ ٿئي هليو. جنهن ۾ هندن-مسلمانن گڏجي ڀاڱ ورتو. توهان جي پريوار بہ اُن ۾ ڪجھ حصو ورتو يا توهان پنهنجي اِسڪولي جيون ۾ اَهڙي هلچل ۾ ڪجھ ڪيو؟**

بخشاڻي: مون ڪي يادگيري اَچي ٿي تہ اُهو آزاديءَ جو تحرڪ هندوستان جي ٻين حصن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ ڪجھ گهٽ هئو. اها بہ ڳالھ ٿي سگهي ٿي تہ شايد اُتي ايتري جاڳرتا ڪونہ آئي هئي! چاڪاڻ تہ مونکي ياد آهي تہ اَسان جا وڏا آخر تائين چوندا هئا تہ ”اَنگريز بابا جو راڄ ڏاڍو سنو هئو!“ ٿي سگهي ٿو، اُهو هنن ان ڪري چيو هجي؛ جو آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌين جيڪي ڏُک سَنا، اُهي هندوستان جي ٻئي ڪنهن بہ ڄاتيءَ ڪونہ سَنا!

**جوَهراڻي: ورهاڱي جو دور رت ۾ رڱيل هڪ خوني داستان آهي! جنهن ۾ بي گناه اِنسانن ڪي ماريو ويو. رت جون نديون وهيون. ان جو**

**اَٺر هر سنڌي پريوار تي پيو. اُن دور بابت اَوهان کي ڪجهه يادگيري آهي؟**

**بخشاڻي:** پنهنجو گهر ڇڏي ٻي گهر تيڻ کان وڌيڪ ڀيو کهڙو درد ٿي سگهي ٿو! اُهو ئي وقت هو، جڏهن اهي جهڳڙا هليا ۽ لڏپلاڻ پئي ٿي؛ تڏهن ئي منهنجي پتا صاحب جو ديهانت ٿيو. جنهن سبب اَسان جي گهر جو ڇِٽُ کسجي ويو.

**جوَهراڻي: اَسان جي هندوستان جو آزاد ٿيڻ، پاڪستان جو ٺهڻ ۽ سنڌ جو کسجڻ؛ اهو انٽرنيشنل قاعدي موجب غير قانوني هئو. ڇا توهان کي ڪڏهن اَهڙو خيال آيو ته اَسان جي اَڳوانن وڏيون غلطيون ڪيون؟**

**بخشاڻي:** اهو فيصلو جيڪڏهن نه ٿئي ها ته بهتر ٿئي ها! ايڏو ضروري به ڪونه هو! اَسان جو مقصد اِهو هئو ته اَنگريز هندوستان کي ڇڏي وڃن. پر اُن جدوجهد ۾ به ٻاڻر پاڻ ۾ نفاق وجهي ٻه ملڪ ٺاهي ويٺا! اَنگريز ويندي ويندي اَسان کي اهو جيڪو دک ۽ درد ڏيئي ويا؛ اُن جو ازالو ناممڪن آهي!

اَڄ به اَسين ڏسندا سين ته ٻنهي ملڪن جا اَڳوان پاڻ ۾ ڪوشش ڪري رهيا آهن، ته وري اَسان جو باهمي پيار وڌي. جيڪڏهن ائين هئو ته پوءِ اهو ورهاڱو ڇو ٿيو!

**جوَهراڻي: توهين اهو محسوس ڪيو ٿا ته اُن وقت اَسان جي اَڳوانن جي سوچ صاف ڪونه هئي. ڪن جو ته اِهو به چوڻ آهي ته اُنهن رهبرن ئي اسان جون راهون منجهايون. اَسان کي طوفانن جي حوالي ڪري پاڻ وڃي ڪنارن تي ويٺا. ڇا اهو سچ آهي؟**

**بخشاڻي:** اُن ۾ ڪو شڪ ڪونهي! ڇاڪاڻ ته هنن پنهنجا مطلب سِڌ ڪيا ۽ لکين ماڻهن کي ٻي گهر ٿيڻو پيو!

**جوَهراڻي: چوندا آهن، ته اُن وقت ٿرپارڪر ضلعي ۾ سنڌي هندن جي گهڻائي هئي. جيڪڏهن اَسان جا اَڳوان سنڌ جو اُهو حصو وٺن ها ته اَسان کي اَڄ دربدر نه ٿيڻو پوي ها. تازو ڪي. آر. ملڪاڻيءَ جو 'Sindh Story' ڪتاب مون کي پڙهڻ لاءِ مليو، جنهن ۾ هن لکيو**

**آهي تہ اَهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ هئي ۽ اُتي بہ سنڌي هندن جي گهٽائي ڪانہ هئي! توهان کي اُن بابت ڪجهہ ڄاڻ آهي؟**

**ٻخشاڻي:** مونکي اِتهاس جي ايتري ڄاڻ تہ ڪانهي؛ پر جيڪڏهن ڪي. آر. ملڪاڻي، جيڪو بيحد ڄاڻو شخص هئو؛ اُهو اِئين چوي ٿو تہ ضرور ڪا ڳالهہ هوندي! پر مون اِهو ٻڌو آهي تہ ٿرپارڪر ضلعي ۾ سنڌي هندن جي گهٽائي هئي. جيڪڏهن ٪۳۵ -٪٦۵ يا ٪۴۵ - ٪۵۵ بہ هجي ها؛ تڏهن بہ گهٽائي ڳڻبي. اَڄ جيڪڏهن خالي ٿرپارڪر ئي اَسان کي سنڌ ٿي ملي ها، تہ آهستہ آهستہ اُن جو واڌارو ٿي سگهي ها !

**جوَهراڻي: اَسين جيئن سنڌ ڇڏي هند ۾ آياسين، تہ ڪيترن گانڌيڌام وڃي وسايو. گانڌيڌام اُن وقت بلڪل بيابان هئو. اَسان جي وڏن جو اهو سوچڻ ڪيتري قدر صحيح هئو تہ جتي نانگ بلائون نڪرندا هئا ۽ نانگ کي پڪڙڻ لاءِ اَٺ آنا ۽ وڇونءَ کي مارڻ لاءِ چار آنا ڏنا ويندا هئا ! آخر اَهڙي جڳهہ ڇو چونڊي وئي ۽ اُتي 'نئين سنڌ' جي ڪلپنا ڪيئن ڪئي وئي؟**

**ٻخشاڻي:** مان ڀائي پرتاپ کي داد ڏيندس، جنهن اهو سوچيو. سنڌين لاءِ هڪ مخصوص ايراضي؛ جتي آب هوا ۽ وايو منڊل اَهڙو هجي جيڪو سنڌ جهڙو هئو ۽ اُن لحاظ کان گانڌيڌام (ڪڇ) سنڌ کي ويجهو بہ هئو. ڪا بہ اِسٽيٽ، جيڪڏهن سنڌ جي اَڌاوت ڪرڻ ڏئي تہ اُها بہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ هئي.

**جوَهراڻي: ورهاڱي جي دور ۾ اِئين اَسان پنهنجون گهرجون سرڪار اَڳيان رکي پئي سگهياسين. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اَسين چئون ٿا تہ سپيتا جي شروعات ئي 'موهن جو دڙو' کان ٿئي ٿي تہ اُهو سپيتا جو ورثو، سڀڪجهہ اَسان کي اُتي ڇڏڻو ٿئي پيو.**

**ٻخشاڻي:** بلڪل صحيح آهي! اُن مهل جيڪڏهن اَسين سنڌ جي هڪ ننڍي اِسٽيٽ بہ گهرون ها؛ تہ جيڪي Central Areas آهن، اُنهن مان بہ ڪا نہ ڪا ملي سگهي ها. باقي ڪنهن اِسٽيٽ مان زمين ٽڪر ڪڍي ڏيڻ هڪ ڏکي ڳالهہ ٿئي ها. اُن مهل ڪڇ جي مهاراجا، گانڌيڌام ۾ سنڌ اَڏڻ لاءِ موڪل ڏني ۽ ڀائي پرتاپ اَهڙي ڪوشش

ڪئي. پر سنڌين کي اُهو ڏانءُ پريو ڪونہ لڳو. ڇو تہ سنڌي ماڻهو هميشهہ درياہ جي پير ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ’ڪندلا پورٽ‘ اُتي برابر آهي، پر اُن وقت اُتي رهڻ جا ايترا وسيلا ڪونہ هئا جيڪي ٻين هنڌن تي ميسر هئا. تنهن هوندي بہ سنڌين جي اُتي گهڻائي آهي. اَڳيان هلي گجرات، گانڌيڌام کي پنهنجي اِسٽيٽ ۾ جذب ڪري ڇڏيو ۽ اَسين وڌي نہ سگهياسين.

مونکي يادگيري آهي تہ اَسان جو ڀاءُ عطر سنگتاڻي، جنهن اَڌ پونو تہ جڻ اَڌي ئي ڇڏيو هئو، تنهن ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ Silvassa ۾ هڪ سنڌين جو نگر ٺاهيو وڃي؛ جيڪا Union Territory هئي. اُتي پنج ڏہ هزار بنگلا ٺهن، جيئن بياس Beas ۾ اَڏاوت ٿيل آهي ۽ سلواسا، بمبئي جي ويجهو بہ آهي. هن ڪجهہ ڪاميابي حاصل بہ ڪئي، پر بدنصيبيءَ سان هوُ جلد ئي گُذاري ويو ۽ اُهو قصو اَڳيان نہ وڌي سگهيو.

باقي اِها ڳالهہ صحيح آهي تہ آزاديءَ وقت اَسان جي سنڌي اَڳوانن صحيح نموني رهبري ڪونہ ڪئي، نہ تہ تہ اَسان کي ڀل ٿرپارڪر هڪ ننڍو ضلعو ئي سنڌ جي روپ ۾ هجي ها، تہ اُن کي وڌائڻ جو موقعو ملي سگهي ها. جيئن پنجاب بہ ٽڪرا ٿيو، تيئن سنڌ جو بہ ڪجهہ حصو اَسان کي ملي سگهي ها.

**جوَهراڻي: توهين سڀ کان پهرين سنڌ ڇڏي هندوستان ۾ ڪٿي آيا؟**

**بخشاڻي:** ريلوي پليٽفارمن تان ڏِڪا کائي شرڻارٿين ۽ فقيرن وانگر ٻين هنڌ وڃي، سال کن تہ مدراس ۾ رهياسين. پوءِ بڙودا اَچي Settle ٿيوسين! جتي مون پڙهائي بہ ڪئي!

**جوَهراڻي: توهان اَچانڪ بڙودا کان دبئيءَ جو رُخُ ڪيئن ڪيو؟ جڏهن تہ اُن مهل دبئيءَ ۾ پاڻي بہ راشن تي ملندو هو.**

**بخشاڻي:** مان بڙودا ۾ نوڪري ڪندو هوس. پر هر سنڌيءَ جي خون ۾ واپار پڻ آهي. هوُ هر ڳالهہ جي تَڪ تور ڪري سگهندو آهي. منهنجي خون ۾ تہ ان سان گڏ سنڌورڪيپڻو بہ هميشه پئي رهيو آهي. دل ۾ هوندو هو تہ ڪنهن وڏي سنڌورڪي فرم ۾ نوڪري ڪريان. اُن

مهل جون مشهور Firms هيون ڊالامل، ڏنامل، ڪشنچند چيلارام وغيره. قدرت سان مون اَخبار ۾ چوئٿرمل جي اَئڊورٽائزمينٽ ڏٺي. هنن کي بمبئي ۾ آفيس هئي؛ کين دبئي آفيس لاءِ هڪ ماڻهوءَ جي گهرج هئي. مون اُتي سڌو Apply ڪيو. اُن مهل ايترو به نه سوچيم ته دبئي ڇا ٿيندي آهي ۽ ڪٿي آهي!

منهنجي وڏي ڀاءُ مون کان لکي پڇيو، ته ''دبئيءَ ٿو وڃين. اُتي آهي ڇا؟''

مون چيو، ''پل ڪجهه به نه هجي ! منهنجي لاءِ ڪم ته آهي، روزگار مليو آهي. روزگار کي ڏِڪارٽو ڪونهي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن روزگار ملي ٿو ته بيون ڳالهيون پنهنجو پاڻيهي ٺهي وينديون آهن. هيترا ماڻهو جيڪڏهن اَڳ ئي اُتي رهيا پيا هئا ته اُهي به اِنسان آهن ۽ اَسين به اِنسان ئي آهيون.''

**جوَهراڻي:** **توهان جيڪا اُتي محنت ڪئي، اُن لاءِ مون کي هڪ شعر ٿو ياد اَچي :**

**''رات جتني سنگين هوگي، صبح اُتني رنگين هوگي''**

**اَسان جي رات پل ڪيتري به اونداهي ڀاڻ چونه هجي، پر پرڀات به اوتري ئي مڌر ٿيندي. توهان پنهنجي ڏُکن واري دور کان لنگهي پار پيا. توهان تي سائينءَ جي رحمت آهي. پنهنجي لگن، محنت ۽ قابليت سان توهان پنهنجي پيشانيءَ تان غريبيءَ جا گُهنج مِٽائي ڇڏيا. اِن سموري جدوجهد مان اَوهين ڇا ٿا پرايو؟**

**بخشاڻي:** خليل جبران جي چوٽي آهي:

''There is no elevator to success,You have to climb stairs!''

ڪاميابيءَ لاءِ هرهڪ کي ڪافي محنت ڪرڻي ٿي پوي. ڏُک سُک ته اِنسان سان ڳنڍيل ئي آهي ! سئنڊوچ جيان، ٻن ڏکن جي وچ ۾ هڪ سکن جو دور به اَچي ٿو. جيون ۾ Definitely ڏک وڌيڪ آهن. اُهي هميشه جا ساٿي آهن. جيڪڏهن ڏکن کي به ساٿي ڪري سمجهبو ته ان مان به پيو مزو ايندو!

**جوَهراڻي:** **سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ سان توهان جي ڪافي رُچي رهي آهي. توهان ڪي سنڌيت لاءِ صدق آهي. توهين اُتي دبئي ۾ رهندي بہ سنڌيت لاءِ ڪجھہ ڪري رهيا آهيو؟**

**بخشاڻي:** آءٌ هميشهہ چوندو آهيان، تہ :

''ڪيئن وساريان ٻولِي، جنهن ۾ ماءُ ڏنِي مونکي لولِي.''

اَڄ ڪلهہ جي ننڍي ٿهيءَ کي اها لولِي سنڌيءَ ۾ ملي ئي ڪونہ ٿي، تہ ڪائنن ٻولِي بہ وسري ويئِي آهي. جڏهن مائرون سنڌيءَ ۾ لولي ڏينديون تہ ٻار بہ پنهنجي ٻولي ڪونہ وساريندا.

اِها تمام ضروري ڳالهہ آهي تہ اَسين پنهنجي سنڌيت قائم رکون. ڇاڪاڻ تہ اَڄ کان پنجاهہ سال پوءِ بہ اَسان جي ٻارن کان جڏهن ڪير پڇندو تہ ''تون ڪير آهين؟'' تڏهن اُهي چوندا: ''اَسين هندوستاني آهيون ۽ سنڌي آهيون.'' پر ڪير جيڪڏهن اُنهن کان پڇندو تہ 'سنڌي' معنيٰ ڇا تہ هو ڪوبہ جواب ڪونہ ڏيئي سگهندا. اُن لاءِ خود اَسان جو اولاد بہ اَسان کي معاف ڪونہ ڪندو! تہ توهان اَسان کي سنڌي تہ ڇئي ويا، پر 'سنڌيت' جي باري ۾ ڪجھہ بہ نہ ٻڌايو!

**جوَهراڻي:** **اَسان کي نئين ٿهيءَ تائين سنڌيت جو پيغام ڪيئن پهچائڻ گهرجي؟**

**بخشاڻي:** اِهو اَسان جو فرض هئڻ کپي. اسان جي اِسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ٻولي پاڙهي وڃي يا نہ، پر اسان جون ريتيون رسمون ۽ سنڌيت جون خوبيون؛ اُهي اُن ٻوليءَ معرفت، جيڪا اَسان جا ننڍا سمجهن ٿا. پِل اَنگريزيءَ ۾ ئي اُنهن کي ڏيڻ کپي؛ جنهن سان منجهن سنڌيت لاءِ هڪ فخر پيدا ٿيندو!

**جوَهراڻي:** **هڪ اَهڙو بہ دور هو، جڏهن ڪيترن نوجوانن سنڌي سڏائڻ کان بہ عار پئي ڪيو. ڇا اُهو وقت هينئر ختم ٿي ويو آهي؟**

**بخشاڻي:** رام! مان ڀانيان ٿو، تہ هينئر اهو دور آهستہ آهستہ ختم ٿي رهيو آهي. هينئر جڏهن اَسين ڏسون ٿا تہ بيسٽ ڊزائينر سنڌي ۽ بيسٽ فلم ڊئريڪٽر بہ سنڌي آهي، تہ جيڪڏهن هڪ Hotlier بہ

سني ۾ سنو سنڌي آهي تہ پنهنجي ريسٽارنٽ ۾ Italian Food جيان سنڌي کاڌا پڻ ٺاهي؛ اُنهن کي سنڌي نالا ڏيئي لکي 'ميٿي ٿوم ۾ مڇي' ۽ برئڪيٽ ۾ لکي Fish with Garlick تہ سنڌي ماڻهو اُن کاڌي کي نہ صرف خوشيءَ سان قبول ڪندا پر ٻيا بہ سمجهندا تہ سنڌين کي پڻ پنهنجو کاڌو آهي. اَڄ هوٽليئر سنڌي هوندو، پر اُن وٽ سنڌي ڪڇڙي ڪونہ ٺهندي هوندي! هاڻي جيڪڏهن اُتي ڪڇڙي ٺهندي تہ ٻيا بہ دل سان کائيندا!

**جوَهراڻي:** **ويجهڙائيءَ ۾ توهان اَنگريزيءَ ۾ پنهنجي آتم ڪٿا ڇپائي، جنهن جو سنڌي ترجمو تازو دهلي سنڌي اَڪادمي طرفان شايع ڪيو ويو. اُن ۾ اَوهان پنهنجي جيون جا ڪٿا مٺا آزمودا ڏنا. توهان سنڌي سماج کي جنهن نظريي سان ڏسو ٿا، اُن جو سمورو بيان قلمبند ڪيل آهي.**

**مان سمجهان ٿو، تہ آتم ڪٿا اِنسان کي جيون جي آخري دور ۾ لکڻ کپي. اَڃا تہ توهان جيون جي شباب ۾ آهيو. اَڃا توهان کي ڪيترين ئي منزلون طئہ ڪرڻيون آهن. تہ پوءِ توهان هن عمر ۾ اهو ڪتاب ڪيئن لکيو؟**

**بخشاڻي:** مون کي واچ پاتل آهي، جنهن ۾ دادا جشن واسواڻيءَ جو فوٽو آهي. اُن هيئنان لکيل آهي :

''The greatest tragedy of a man is, he thinks that he has plenty of time!''

اُن لاءِ جيڪو ڪم اڄ لهي، اُهو صبحاڻي لاءِ نہ ڇڏجي. مون هن عمر ۾ بہ لکندي محسوس ڪيو آهي تہ هيءَ ڪنهن واپاريءَ طرفان پوري دنيا جي پهرين آتم ڪٿا آهي، جيڪا شايع ٿي آهي. جن قومن، جاتين ۽ ملڪن منهنجي رهڻي ڪهڻيءَ مٿان پنهنجي ڇاپ ڇڏي آهي، اُنهن جو قرض لاهڻ لاءِ منهنجو هيءُ ڪتاب پيش خدمت آهي. جنهن بہ غير سنڌيءَ هيءُ ڪتاب پڙهيو آهي، اُن کي سنڌين جي باري ۾ ڪافي ڄاڻ ملي آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان ٻڌائيندا تہ 'سپيتا' مخزن ۾ توهان ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو؟**

**بخشاڻي:** مان جڏهن ٻڙودا ۾ رهندو هوس؛ دراَصل اُنهن ڏينهن ۾ ئي

’سپيتا‘ مخزن شروع ڪئي ويئي هئي. مان اُن مهل ’سنڌو سماج‘، بڙودا جو سيڪريٽري هوس. ڊاڪٽر لکميچند ’پريم‘ پريزيڊنٽ هو. مان پنهنجيون لکڻيون وقت بوقت ’سپيتا‘ معرفت ڏيندو رهندو هوس. اُن مهل هڪ ٻي مخزن نڪرندي هئي ’جاڳرتي‘! اُها مخزن نہ، پر هڪ Tabloid جيان هئي. اُن ۾ توڙي ڪڏهن ڪڏهن ’هندواسي‘ ۾ بہ منهنجا ليک ايندا رهندا هئا.

**جوَهراڻي:** **توهان ليکڪ بہ آهيو تہ ڪلاڪار بہ، ڪڏهن لکو ٿا ۽ ڪڏهن پاڻ منچ تي ڪلا جو مظاهرو بہ ڪريو ٿا! اها پريرڻا توهان کي ڪٿان ملي؟**

**بخشاڻي:** انسان جي اندر ۾ جيڪي اُڌما اُٿن ٿا، اُنهن ۾ ڪڏهن کي پيڙائون هونديون آهن تہ ڪڏهن خوشيون! کي ماڻهو اُنهن جو اظهار ڳالهائڻ وسيلي ڪندا آهن ۽ کي لکڻ دواران؛ تہ کي وري رنگ منچ تي اَچي اُنهن جو اظهار ڪندا آهن.

مونکي هڪ ليکڪ يا ڪلاڪار طور پنهنجو اِظهار ڪندي بيحد آنند ايندو آهي. جيتوڻيڪ آءٌ ائين ڪونہ ٿو چوان تہ مان کو پاڻ کي ليکڪن جي صف ۾ ڳڻيان ٿو، پر اُن جي اظهار لاءِ مون وٽ ڪافي مواد موجود رهندو آهي!

**جوَهراڻي:** **ايشور، هرهنڌ پاڻ تہ پهچي نٿو سگهي؛ هن اُن مقصد کان هڪ ماءُ کي جنم ڏنو! اُهي ڀاڳيہ شالي آهن، جي ماتا جي چرنن ۾ ويهي عبادت ڪن ٿا. توهان کي اَمڙ جون دعائون مليل آهن. ان ڪري ئي توهين ’ ايشوري ٻائي بخشاڻي‘ اَوارڊ ڏيئي رهيا آهيو يا اُن جي پٺيان ٻي بہ ڪا مُراد آهي؟**

**بخشاڻي:** هڪ شاعر چيو آهي:

’’ نئي پيڙهي اَپني مان-باپ ڪا سايہ اِس طرح ڇوڙ ديتي هئہ، سمجھ ڪر ڪانچ ڪا ٽڪڙا، هيرا ڦينڪ ديتي هئہ.‘‘

منهنجي مراد اِها هئي تہ ماءُ جي يادگيري رهي. منهنجي وڃڻ ڪانپوءِ منهنجي يادگيري رهي يا نہ رهي، پر منهنجي ماءُ کي ضرور ياد ڪيو وڃي!

**جوَهراڻي:** **چيو ويندو آهي، تہ**

**”ماني ڀرين پنهنجي گهر جي ڀاتين لاءِ، پوءِ جيڪو بچي سو ملڪ لاءِ.“**

**ٻيو چوڻي آهي**

**”ڀرين پيٽ پنجوءَ جو، ٻار ٻچا سڀ پوءِ.“ توهان ان فلاسافيءَ ۾ ڪيترو وشواس رکو ٿا؟**

**ٻخشاڻي:** پانيان ٿو تہ اها فلاسافي نيڪ نہ آهي. مون اُن ماحول ۾ پرورش ورتي آهي؛ جتي منهنجي ڏاڏيِ، پنهنجو کاڌو کائڻ کان اَڳ ڀرين ڪانوَ لاءِ ڪڍي رکندي هئي. ڪيترا وري ڀرين غريبن لاءِ بہ ڪڍندا آهن.

انسان، هڪ ٽرسٽي آهي. جمڻ وقت هٿين خالي اَچي ٿو ۽ وڃي بہ هٿين خالي ٿو. ان ڪري ڪفن ۾ ڪڏهن بہ کيسو ڪونہ هوندو آهي! تنهن صورت ۾ انسان هڪ ٽپاليءَ جيان آهي، جيڪو شام جو گهر پهچڻ کان اَڳ اَڻ پهچايل اَمانت وري واپس پوسٽ آفيس ۾ پهچائي ٿو! تيئن انسان بہ ائين ئي آهي؛ ڪيس هڪ ٽرسٽيءَ جيان جيڪي بہ ملي ٿو، اُهو هتي ئي ورهائڻو آهي!

"There is no coincidence in life. Everything is destiny!"

ڀڳوان بہ ڪجهہ سمجهي ڪري ٿو ڏئي تہ ڇيءُ اِنسان منهنجي اَمانت برابر سنڀالي ۽ ورهائي سگهندو يا نہ! اُن ۾ جيڪڏهن خيانت ٿيندي، تہ پوءِ اَمانت بہ کسجي ويندي!

**جوَهراڻي:** **چوندا آهن تہ سخا اُها آهي، جا ڪنهن جي اَهنج دوُر ڪرڻ لاءِ ڪئي وڃي؛ پر ڪيترا وري غريبن کي روٽيون کارائڻ ۽ مندر مڙهين ۾ دان ڌرم ڏيڻ کي ئي سخا سڏيندا آهن! توهين سخا جو صحيح مطلب ڇا ٿا سمجهو؟**

**ٻخشاڻي:** ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي هڪ ڳالهہ مونکي ياد ٿي اَچي. هن کي جڏهن بہ من ۾ ايندو هئو تہ دان ڪري ڇڏيندو هئو. ڪڏهن بہ ڪنهن Theory تي نہ هلندو هئو تہ هن نموني يا هُن نموني هلڻ گهرجي؛ تيئن دان بہ دان آهي! ڪنهن جو هٿ اَڳيان ڦهلجي وڃي، اُها ڏاڍي وڏي ڳالهہ آهي. ڏاڍي تڪليف جي ڳالهہ آهي.

پوءِ پيل اُن جي نِيَتَ صاف نہ ٿي هجي!

ساڌو واسواڻيءَ کي ٻہ ڪنهن چيو، تہ ”دادا! اَوهان وٽ جيڪو بہ اَچي ٿو، تنهن کي دان ڪيي ٿا ڏيو. نہ ڏسو ٿا تہ اُهو لائق آهي يا نہ؛ ضرورتمند بہ آهي يا نہ!“

تڏهن ساڌو واسواڻيءَ پنهنجا نيڻ هيٺ ڪندي چيو تہ ”جنهن مونکي ڏنو، اُن منهنجي کهڙي لياقت ڏٺي؛ جو مان وينو ٻين جي Credibility ڏسان.“

توهان کي جڏهن بہ پنهنجو اَندر ٻولي تہ هن جي گهرج صحيح آهي تہ ان کي ڏيڻ کپي.

مونکي سنڌ جو هڪ قصو ٿو ياد اَچي:

سنڌ ۾ هڪ شخص ڪنهن پائخاني ۾ شال پائي ضروري حاجت ۾ وينو هئو تہ ڪنهن جي صدا ٻڌائين:

”آهي ڪو، جو مون کي سيءَ کان بچائي.“

اُن پائخاني ۾ وينل شخص بہ نڪا ڪئي هم نہ تم، پنهنجي شال لاهي ٻاهر ئين ضرورتمند ڏانهن اُڇلايائين،

”اَچيئي ٿي! ڪَڻُ!“

اُن تي سندس زال اَندران ٻڪندي آئي،

” اَوهان پنهنجو پاڻ سان پيا ڳالهايو؟“

اُن همراه چيس،” نہ! ٻاهر ڪو ضرورتمند سيءَ ۾ ڏڪي رهيو هو، سو مان کيس پنهنجي شال اُڇلائي ڏني.“

زال چيس”اُها تہ اوهين ضروري حاجت پوري ڪري پوءِ بہ ڏيئي سگهو ها!“

تنهن تي چيائين:” تيستائين منهنجو من بدلجي وڃي تہ!“

**جوَهراڻي:** **ورهاڱي کانپوءِ سنڌي پوري دنيا ۾ وڃي آباد ٿيا. اُنهن جو هندوستان جي سنڌين لاءِ کهڙو رخ آهي؟ چاڪاڻ تہ هتي پارت ۾ ضرورت وقت NRIs ئي ياد ايندا آهن.**

**بخشاڻي:** توهان بہ سوال پڇيا آهن. هڪ N.R.I. جو هندوستاني سنڌين طرف

رخ ۾ ٻيو اُنهن جي سهايتا. ان حالت ۾ منهنجو هميشه اِهو ئي چوڻ آهي تہ اَسين جيڪي پرڏيهہ ۾ سنڌي رهون ٿا، اُهي هندوستاني سنڌين کي بہ پنهنجو ڀاڱو ڪري سمجهون ٿا.

پر جيئن هڪ ٽرين بمبئيءَ کان پونا ويندي آهي، تہ ڪرجت تائين هڪ اِنجڻ هوندي آهي، پوءِ ڪرجت ۾ هڪ ٻي بہ اِنجڻ ڳنڍبي آهي. تيئن پرڏيهي سنڌين کي بہ اَوهين ٻي اِنجڻ ڪري ليکيو. جڏهن جڏهن بہ ڪو نئون ڪاريہ هندوستان ۾ شروع ٿئي ٿو تہ پهرين پنهنجي اِنجڻ لڳايو، جنهن مان لڳي تہ اَوهان کي ان لاءِ سچو شوق آهي.

باقي پرڏيهہ ۾ رهندڙ هر سنڌيءَ کي هندوستان ۾ هتان جي سنڌين لاءِ بيحد اُڪير آهي. مان نٿو سمجهان تہ اُتان جو ڪوبہ سنڌي سال ٻن ۾ هيڏانهن ڪونہ ايندو هوندو! هتي ڪيترن ئي ٿيندڙ ڪارين ۾ پرڏيهي سنڌي بہ دل سان ڀاڱ وٺن ٿا.

جوَهراڻي: **توهان ڪيئي ڀيرا هتان جي سنڌين جا مسئلا ڪٺي هندوستان سرڪار سان ڳالهيون ڪيون آهن. پوءِ اُهو ‘Estate Duty’ جو مسئلو هجي يا ‘Education’ جو مسئلو؛ يا ‘Free Port’ هجي! اُن باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو!**

بخشاڻي: دراصل اُهي سڀ مسئلا هرويرو صرف سنڌين جا ناهن، پر اُنهن جو واسطو پوري هندوستان سان آهي.

’ Estate Duty ‘ آهي ’موت ڍل‘. جڏهن بہ ڪو اِنسان گُذاري وڃي ٿو تہ هر سرڪار اُن فوتيءَ جي اولاد سان گڏ اُن جي وراثت ۾ بہ شريڪ ٿيڻ چاهيندي آهي. اها ٽيڪس هر ملڪ ۾ آهي. هندوستان ۾ اها ’موت ڍل‘ ايتري هئي، جو مهاراجائن جا محلات بہ وِڪامي ويا. ڇو تہ سرڪار اسٽيٽ ڊيوٽي، مارڪيٽ ريٽ سان وٺندي هئي. جڏهن پرٿوي راج ڪپور گذاري ويو تہ سندس بنگلو بہ اسٽيٽ ڊيوٽيءَ هيٺ اَچي ويو. ڇاڪاڻ تہ اُن جي اسٽيٽ ڊيوٽي پرٽي هئي. مونکي خبر پيئي تہ هن جي پٽ کي جڏهن ٻارهن لک اسٽيٽ ڊيوٽي ڀرڻ لاءِ چيو ويو تہ هوُ ڪجهہ اَچو ناٺو نہ ڏيئي سگهيو ۽ نتيجي ۾ ڪيس بنگلو بہ نيلام ڪرڻو پيو. ان نموني

پرٿوي راڄ جو بنگلو به سندس اولاد کي نه ملي سگهيو. مهاراجائن جا محلات به Heritage ٺهرائي بدران بازار ۾ وڪيا ويا. جيتوڻيڪ ان اسٽيٽ ڊيوٽيءَ مان اُن وقت مسز اندرا گانڌيءَ واري دور ۾ ملڪ کي صرف ٢٢ ڪروڙ روپيه ڪمائي ٿيندي هئي. تڏهن دٻئيءَ ۾ هڪڙو قصو ٿيو، جو ڪو شخص اُتي گذاري ويو ته سرڪار اُن جي بينڪ ڊپازٽ رليز ئي نه پئي ڪئي.

هتي هندوستان ۾ اسٽيٽ ڊيوٽي به اسٽيٽ کي ئي ملندي هئي. اُن مهل هندوستان کي هڪ ذهين فنانس منسٽر مليل هيو، پرناب مکرجي. جيڪو بيحد دور انديش هئو. اُن مهل سوال اُٿيو ته دٻئيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو گذاري وڃي ته اسٽيٽ ڊيوٽي ڪير ڪٽيندو؟ سينٽرل گورنمينٽ وٽ ته اُن جو اڪائونٽ ئي ڪونهي. تڏهن مون چيو مانِ ته ”اوهين گهٽ ۾ گهٽ پرڏيهي هندوستانين کان ته اها ٽيڪس نه وٺو: نه ته اُهي پنهنجا سڀ پيسا لڪائي ولائت ۾ رکي ڇڏيندا.“ هن اها ڳالهه سمجهي. ان وقت ۾ مسز اِندرا گانڌي به گذاري ويئي ۽ راجيو گانڌي پرائيم منسٽر ٿيو. آخر جڏهن وي. پي. سنگهه فنانس منسٽر ٿيو ته اُن قبول ڪيو ته ان اسٽيٽ ڊيوٽيءَ کي اَسين پوري ملڪ مان ئي ڪڍي ٿا ڇڏيون. تڏهن مون چيو ته ”هينئر هن ملڪ ۾ مرڻ آسان ٿي سگهندو!“

**جوَهراڻي:** **توهان ‘Education’ سلسلي ۾ به پرائيم منسٽر سان مليا هئا؟ ‘Free Port’ وٺڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي ويئي هئي!**

**بخشاڻي:** ها! ايڊيوڪيشن جي سلسلي ۾ ته اَڄ به ڪيترا هندوستاني، آمريڪا وڃي پڙهن ٿا. ٽي قومون : جاپاني، چيني ۽ هندوستاني شاگرد آمريڪا ۾ في طور نوَ بِلين ڊالر ڏين ٿا. آمريڪا ۾ ته شاگرد هندوستاني، ماسٽر هندوستاني ۽ پيسا به هندوستاني. صرف ڌرتي آمريڪا جي آهي! تڏهن مون کين چيو ته جيڪڏهن اوهين هتي ايڊيوڪيشن جي فائونڊيشن ئي مضبوط ڪونه وجهندا ته ماڻهو ڇا ڪندا! اڄ ماسترن جا پگهار ايترا گهٽ آهن، جو اَسين ڇڻ ايڊيوڪيشن کي چيرتي ڪري ٿا هلايون. ٻيو وري ٻارن کي هتي ايڊميشن به نٿي ملي. هڪ بلين ماڻهو هتي رهن ٿا ته اُنهن لاءِ

ايتريون جايون به ته اسڪولن ۾ هئڻ کپن. اَڄ جيڪڏهن ٻيا بزنس هٿي وڌن ٿا ته اسڪولن جي ترقي ڇو نٿي ٿئي. اُنهن کي Privatise ڪيو وڃي. پبلڪ کي موقعو ڏنو وڃي ته اُهي پڻ پنهنجا اسڪول کولين. پوءِ جيئن هينئر اسپتالون وڌي رهيون آهن، تيئن پل اسڪول به وڌن. گهٽ درجي جي اسپتال ۾ غريب ويندا؛ مهانگي اسپتال ۾ وڏا ماڻهو داخل ٿيندا!

تڏهن مون FICCI جي پليٽفارم تان اهو آواز اُٿاريو هئو. جيتوڻيڪ اها واپاري باڊي آهي؛ پر ايڊيوڪيشن کي به ان هيٺ آڻي سگهجي ٿو. ان کي به اِنڊسٽري جو درجو ڏيڻ گهرجي. مونکي خوشي آهي ته آهسته آهسته اُن ۾ به سڌارا اَچڻ پيا. پر جيئن ته شروعات کان وٺي هتي ايڊيوڪيشن ايڏي جڪڙيل رهي آهي ۽ اُن جي مٿان ايتريون ته زنجيرون لڳل آهن، جو اَسين اَڃا تائين ايڪانامي کي Liberalize ڪري نه سگهيا آهيون. اَڃا تائين Education ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. آهسته آهسته اهو به ٿيندو!

باقي 'Free Port' جي سلسلي ۾ جيئن هانگ ڪانگ، چين لاءِ هڪ Window پئي رهي آهي. چين جو جيڪڏهن گهڻو واڌارو ٿيو آهي ته اُهو هانگ ڪانگ طرفان ئي ٿيو آهي. پل هانگ ڪانگ ملڪ جدا هئو، پر چين اُن جو فائدو پئي ورتو. ساڳئي نموني اَسان گورنمينٽ کي سجهاءُ ڏنوسين ته انڊمان ۽ نڪوبار جيڪي باقي هندوستان جي ڌرتيءَ کان ڪافي پري آهن؛ اُنهن کي Free Port ڪيو وڃي، ته جيئن هندوستاني ماڻهو ٻين ملڪن ڏانهن خريداريءَ لاءِ گهمڻ وڃن ٿا، تيئن هوُ پنهنجي ئي ملڪ ۾ وڃن. پر اُن مهل ڊفينس جي خيال کان اُها ڳالهه صحيح ڪونه پئي لڳي. ڇو ته انڊمان- نڪوبار، هندوستان کان ڪافي پري آهي، پر انڊونيشيا کي ڏاڍو ويجهو آهي . تنهن لاءِ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويئي ته جيئن اَسين گورنمينٽ کي سجهاءُ ڏيون ته هندوستان ۾ 'Free Port' ڪٿي ٺاهيو وڃي. جڏهن سُبرمنيم سوامي، ڪامرس منسٽر هئو؛ تڏهن اها ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي ۽ مان پڻ اُن ڪاميٽيءَ تي هوس. رونق سنگهه چيئرمن هو. اَسان سنگاپور، هانگ ڪانگ، پانڊيچري، ڪنڊلا، گوئا، اِهي سڀ جڳهيون

ڏنيون. آخر گوئا لاءِ سڄاڻ ڏنوسين تہ اَن کي ‘Free Port’ ڪيو وڃي، جو اُن جي هڪ پاسي ڪرناٽڪ آهي ۽ ٻئي پاسي مهاراشٽرا آهي. اُهي بہ اُن جي ڪم ايندا ۽ ملڪ کي ڪافي فائدو ٿيندو. پوءِ جيتوڻيڪ اهي سڄاڻ Practically قبول بہ ڪيا ويا هئا، پر وري سرڪاريون بدليون تہ ڳالهہ اَڳيان وڌي نہ سگهي. هينئر تہ پورو هندوستان ئي جڻ ‘Free Port’ لڳو پيو آهي.

**جوَهراڻي:** **توهان گهڻن ئي Business Houses سان جُڙيل آهيو. دبئي ۾ ۽ بمبئيءَ ۾ هندوجا گروپ سان بہ توهان جا سٺا ناتا آهن. ڇا ٻڌائيندا تہ سنڌين جي پهرين پرائيويٽ بينڪ کولڻ جو خيال ڪيئن آيو؟**

**بخشاڻي:** ڏاڍو سٺو سوال پڇيو اَٿو. مسز گانڌيءَ سمورين بئنڪن کي Nationalise ڪيو هئو. پر اُن کان پوءِ جڏهن Post-Nationalisation واري پاليسي ۾ ڦيرگهير آئي تہ پهرين پرائيويٽ بينڪ، جيڪا کُلي؛ اُها سنڌين کولي ‘Indus Ind Bank’.

**جوَهراڻي:** **اَڄ جي اِنسان، پريشانين وچان منزل تي پهچڻ جي تمنا ئي ترڪ ڪري ڇڏي آهي. اَهڙن نراس ٿيل ماڻهن لاءِ اَوهين ڪهڙو سنديش ڏيڻ چاهيندا!**

**بخشاڻي:** اَسين جيڪڏهن پنهنجي سموري زندگيءَ جي تڪ تور ڪنداسين تہ لڳندو

”يهہ زندگي ڀر کي سوداگيري

انسان ڪو ايڪ ڪفن کي سِوا ڪيا دي سڪتي هئہ!“

پر ساڳئي وقت جڏهن جڏهن بہ ڪو شخص پاڻ کي ڪمزور محسوس ڪري، تہ ڪيس ياد ڪرڻ گهرجي تہ:

“Birds fly, Elephants won’t !”

**جوَهراڻي:** **تمام سٺو! توهان جو پيغام ضرور اَسان جا نوجوان پنهنجي هنئين سان هنڍائيندا! توهان اَسان وٽ آيا. اُن لاءِ وڏي مهرباني!**

**بخشاڻي:** مهرباني!